

# اسان ۽ سوشل ميڊيا

**24-October-2024**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

24 آڪٽوبر 2024ء (بمطابق: 20 ربيعُ الآخر 1446ھ) تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# اسان ۽ سوشل ميڊيا

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... قلبِ مصطفيٰ جو بُلند شان
- ... سوشل ميڊيا جا ڪجھ فائدا
- ... علمِ دين ڪنهن کان سکون؟
- ... سوشل ميڊيا جي استعمال جا ڪجھ احتياط

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ الله وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ الله

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

**اَربعينِ عطار قسط**: 2، **صفحو**: 6، **حديث نمبر** 6 **آهي**:

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: لَا وُضُوْءَ لِمَنْ لَّمْ یُصَلِّ عَلَی النَّبِیِّ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَسَلَّم.

**ترجمو**: **ان جو وضو ناهي جيڪو نبي** (صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) **تي درود نہ پڙهي**.[1]

**حديث جي شرح: يعني ان شخص جو وضو مڪمل فضيلت وارو ناهي جيڪو** وضو **ڪان بعد نبي پاڪ** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **تي درودِ پاڪ نہ پڙهي**.[2]

عاصیو! جُرم کی دَوا ہے درود | کیا دَوا، عینِ کیمیا ہے درود
چھوڑیو مت، درود کو کافی | راہِ جنّت کا، رہنما ہے درود

---

[1]…معجم کبیر، حدیث:5698۔

[2]…التیسیر شرح جامع صغیر، جلد:2، صفحہ:503۔

وضاحت: گنهگارو! گناهن جي بخشش جو بهترين ذريعو درودِ پاڪ آهي، درودِ پاڪ پڙهڻ نہ ڇڏجو، درودِ پاڪ جنّت جو رهنما آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّیَّۃُ الْحَسَنَۃُ تُدْخِلُ صَاحِبَھَا الْجَنَّۃَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس۞اَدَب سان ويهندس ۞بيان دوران سُستي کان بچندس ۞ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس۞جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## هيءَ چادر فلاڻي کي ڏئي ڇڏ...!

بخاري شريف ۾ حديثِ پاڪ آهي، مسلمانن جي پياري امڙ سائڻ حضرت عائشہ صديقہ، طيبہ، طاهره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا فرمائن ٿيون: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي (خدمت ۾ خَمِيْصہ نالي هڪ خوبصورت ڊيزائن واري چادر پيش ڪئي وئي، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جن اها ويڙهي ڪري نماز ادا فرمائي، سلام ڦيرڻ

[1]...بخاري، ڪِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

ڪانپوءِ فرمايائون: مون کي خطرو ٿيو ته هن چادر جي گُلن جي سبب تَوَجُّه هٽي ويندي، تنهنڪري هيءَ چادر اَبو جَهْم (صحابي) کي ڏئي اچو! (بخاري)

مشهور مُفسرِ قرآن مُفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃ اللہ علیہ هن حديثِ پاڪ جي حوالي سان لکن ٿا: عربي ۾ خَميصَہ ڊيزائن ***Design*** واري چادر کي چوندا آهن، هيءَ اُوني ڪاري چادر هئي جيڪا اَبوجَهْم (رضی اللہ عنہ) هديةً (يعني بطور***Gift***) پاڻ سڳورن جي بارگاهه ۾ پيش ڪئي هئي، اها ويڙهي ڪري نبي ڪريم صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم نماز ادا فرمائي، پوءِ انهن کي ڏئي ڇڏي.

# قلبِ مصطفيٰ جو بُلند شان

پيارا اسلامي ڀائرو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم جو شان نهايت بُلند آهي، تمام بُلند آهي، ايترو بُلند آهي جو سندن شان بيان ڪرڻ ته پري جي ڳالهه، مخلوق ۾ ڪوبه سندن شان مبارڪ کي پوري طرح سڃاڻي به نه ٿو سگهي. ڪنهن عاشقِ رسول چيو آهي:

تیرا وَصف بیاں ہو کس سے، تیری کون کرے گا بڑائی
اس گردِ سَفَر میں گم ہے جبریلِ امیں کی رسائی

وضاحت: يارسولَ الله صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم! اوهان جا اوصاف ۽ ڪمالات اهڙا بُلند شان وارا آهن جو عام انسان ته ڇڪ پاسي، حضرت جبريل علیہ السلام به انهن کي صحيح طريقي سان بيان نه ٿا ڪري سگهن.

اسان جا نبي، رسولِ هاشمي اهڙي شان وارا آهن جو ۞معراج جي رات ڪائنات جا عجائب ملاحظہ فرمايا ۞ نبين جي امامت فرمائي۞ آسمان جو سير فرمايو ۞ جنّت جا نظارا ڏٺا، ان جي باوجود شان مبارڪ اِهو هيو جو

مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغٰى ﴿۱۷﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: اک نہ ڪنھن طرف ڦري ۽ نہ حد کان وڌي
(سيپارو: 27، سورة نجم: 17)

يعني دل پاڪ جي توجھ ھٽڻ تہ پري جي ڳالھ...!! ظاھِري اک مُبارَڪ تي بہ ڪو اَثر نہ ٿيو. معلوم ٿيو: جن جي توجُّھ مُبارَڪ تي جنّت جا حسين نظارا بہ اَثر نہ ڪري سگھن، تہ پوءِ ھڪ معمولي چادر سندن توجُّھ کي ڪيئن ھٽائي سگھندي. ھيءَ چادر مُبارَڪ پاڻ کان پري فرمائڻ اصل ۾ اسان جي تعليم لاءِ ھو، اسان غلامن کي ھڪ سبق ڏنو پئي ويو.

اسان غلامن کي ھڪ سبق ڏنو پئي ويو، جڻ اسان کي سمجھايو ويو تہ اي منھنجا غلامؤ! الله پاڪ جي ياد کان غافل ڪرڻ واريون شيون تہ ھڪ پاسي رھجي ويون، جيڪا شيءِ ھن جي ياد ۾ رڪاوٽ وجھي، توھان ان شيءِ کي پاڻ کان پري ڪري ڇڏيندا ڪيو!

ڪچھ ايسا ھو ڪرم ماهِ رسالت **يارسولَ الله!** | ڪروں الله ڪی دل سے عبادت **يارسولَ الله!**

## موبائل فون جو ھڪ وڏو نقصان

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! ڪيڏي پياري ڳالھ آھي ۞ ڊيزائن واري چادر ٺاھڻ بہ جائز ۞ ان کي خريد ڪرڻ بہ جائز ۞ ان کي ويڙھڻ بہ جائز ۞ ان کي ويڙھي ڪري نماز پڙھڻ بہ جائز، ان جي باوجود سيرتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو درس ھي آھي تہ اھڙي چادر جيڪڏھن نماز ۾ رڪاوٽ وجھندي ھجي تہ ان کي پاڻ کان پري ڪري ڇڏڻ گھرجي.

ٻئي پاسي اسان جي حالت ڇا (هوندي) آهي؟ ۞ ميوزيڪل ٽيونز (*Musical tunes*) ٻڌڻ به ناجائز ۞ ان کي حاصل ڪرڻ به ناجائز ۞ هلائڻ به ناجائز ۞ پاڻ ٻڌڻ به ناجائز ۞ ٻين کي ٻڌائڻ به ناجائز پر افسوس! اسان جي مسجدن ۾ عين جماعت جي دوران ميوزيڪل ٽيون وڄي رهي هوندي آهي. ۞ پنهنجي به نماز ڊسٽرب ٿي رهي هوندي آهي ۞ ٻين کي به پريشاني ٿي رهي هوندي آهي ۞ پوءِ الله پاڪ جي گهر جي اندر اها جڳهه جيڪا خاص عبادت جي لاءِ ٺهائي وئي آهي، ان هنڌ شيطاني ميوزڪ به وڄندو آهي.

منهنجي خيال ۾ موبائل (*Mobile*) جو سڀ کان وڏو نقصان اسلامي معاشري کي ٿيو آهي اهو هيءُ آهي ته هي مسجد جي بي حرمتي جو سبب بڻجي رهيو آهي. ۞ هونئن ته اسان جي معاشري ۾ ميوزڪ ڪٿي نه آهي؟ ۞ ڪنهن گهٽيءَ کان بنا ميوزڪ جو آواز ٻڌڻ جي گذري وڃڻ ڏاڍو مُشڪل ٿي ويو آهي ۞ گهرن ۾ ميوزڪ ۞ گهٽين ۾ ميوزڪ پاڙي ۾ ميوزڪ ۞ رستن تي ميوزڪ ۞ بسن ۾ ميوزڪ ۞ رڪشن ۾ ميوزڪ ۞ جهازن ۾ ميوزڪ...!! هاءِ افسوس! هر پاسي ميوزڪ جا آوازَ گونجندا آهن، هڪ جڳهه جيڪا ان جي نحوست کان بچيل هئي، يعني الله پاڪ جا گهرَ، پياريون پياريون مسجدون...!! موبائل جي اچڻ جو نقصان هي ٿيو جو هاڻي مسجدن ۾ به ميوزيڪل ٽيونز وڄنديون آهن. عام طور تي امام صاحب جماعت کان پهريان به اعلان ڪندو آهي: موبائل هجي ته بند ڪري ڇڏيندا! يا سائيلنٽ(*Silent*) تي لڳائي ڇڏيندا! خبر ناهي پوءِ به موبائل بند ناهن ٿيندا، سائيلنٽ تي ناهن لڳايا ويندا، ڪيئي ماڻهو هن اعلان کي اهم ناهن سمجهندا.

# باغ صدقو ڪري ڇڏيائون

هڪ صحابيءِ رسول آهن: حضرت ابوطلحہ انصاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ. سندن جو هڪ باغ هو، هڪ ڀيرو اتي نماز ادا ڪري رهيا هئا.

يقيناً هي نفل نماز ئي هوندي، فرض نماز تہ محبوب ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان باجماعت مسجد ۾ ادا ڪندا هئا. خير! پاڻ باغ ۾ نماز پڙهي رهيا هئا، اوچتو هڪ خاڪي رنگ جو ڪبوتر باغ مان اڏاميو ۽ ٻاهر نڪرڻ جو رستو ڳولڻ لاءِ هيڏي هوڏي اُڏڻ لڳو.

هي منظر نهايت حسين هو، حضرت ابوطلحہ انصاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي ان طرف توجهہ هلي وئي، جنهن جي ڪري ڪين نماز جون رڪعتون ياد نہ رهيون.

الله اڪبر! صحابي رسول جو جذبو ڏسو! پڪي ڪي پاڻ نہ اڏايو هيو، انهيءَ طرف توجُّهہ وڃڻ ۾ سندن ڪو بہ قصور نہ هو، پر اهو باغ سندن ئي جو هو.

۞ نہ اهو باغ هجي ها ۞ نہ پاڻ اتي نماز پڙهن ها ۞ نہ پکي اڏامي ها نہ ان ڏانهن توجهہ وڃي ها ۞ نہ نماز جون رڪعتون وسرن ها، يعني ايتري پري جي واسطن سان، ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان، رڪعتون وسارڻ جو سبب هي باغ بڻيو هو، جيئن تہ پاڻ فوراً بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: يارسولَ الله صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! هاڻي ڪان هي باغ صدقو آهي. (فيضانِ نماز)

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي باغ ڪيترو مهانگو هوندو...؟ پر جوتہ نماز ۾ خلل جو سبب ٿي ويو، تنهنڪري صدقو ڪيو ويو. اسان ڪان اهو مطالبو تہ آهي ئي نہ تہ موبائل صدقو ڪئي وڃي، اهو بہ مطالبو ناهي تہ موبائل پاڻ وٽ رکيو ئي نہ وڃي ، صرف هي چيو ويندو آهي تہ نماز جي وقت ان کي بند ڪري ڇڏيندا! يا گهٽ ۾ گهٽ سائيلنٽ تي ئي رکندا! تہ جئين نماز ۾ خلل نہ اچي پر افسوس! اسان ڪي ايتري بہ همت ناهي ٿيندي.

# اسان ۽ اسان جون نمازون

وڏيڪ اسان ٿورو غور ڪريون: اسان الله پاڪ جي ياد لاءِ ڪيترو وقت ڪڍون ٿا!!... دڪان تي ويٺا آهيون، ڪم ڪار ڪري رهيا آهيون، اذان ٿي وئي، اڃان ٻہ ويٺا آهيون، پوءِ تثويب ٿيندي آهي يعني ٻيهر اعلان ڪيو ويندو آهي ڪجھ جڳھن تي صلواة و سلام پڙهي ڪري توجھ ڏياري ويندي آهي تہ جماعت شروع ٿيڻ واري آهي. تڏهن وڃين اسان ڊوڙندي مسجد ۾ پهچندا آهيون، مشڪل سان پوري جماعت ملندي آهي، اها بہ جيڪڏهن قسمت سان ملي وڃي، نہ تہ ڪجھ رڪعتون نڪري ئي وينديون آهن، مشڪل سان 15 کان 20 منٽ مسجد ۾ گذاريندا آهيون، هي ٿورڙو وقت بہ پوري توجھ سان الله پاڪ جي ياد ۾ نہ گذري ۞ ڪڏهن ميوزيڪل ٽيونز وڄي رهي آهي ۞ ڪڏهن موبائل جي وائبريشن اسان جي توجھ هٽائي رهي آهي، هي ٿورو وقت بہ الله پاڪ جي ياد جي لاءِ خاص نہ ٿيو تہ ٻڌايو! اسان حاصل ڇا ڪيو...؟ زندگي کهڙن ڪمن ۾ لڳائي ڇڏي..؟

| | |
|---|---|
| دو پل تیری یاد کو میسر نہیں کامل | کیا ہو گیا حال ہمارا یاالٰہی! |
| لگ جائے عبادت میں دل ہمارا | کر دے کرم یاخُدا! یا الٰہی! |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# سيني ڪان ڪَٽجي وڃو...!!

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ پنهنجي ربّ جو نالو ياد ڪيو.

(سيپارو: 29، مزمل: 8)

يعني اي حبيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اوهان رات ڏينهن جي تمام وقتن ۾ پنهنجي ربَّ جو نالو ياد ڪندا رهو جيتوڻيڪ ۞ اهو تسبيح ۽ ڪلمو پڙهڻ ذريعي هجي ۞ نماز ادا ڪرڻ ۞ قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ ۽ علمِ دين جو درس ڏيڻ ذريعي هجي. (صراط الجنان)

وڌيڪ فرمايو:

وَتَبَتَّلْ اِلَيْهِ تَبْتِيْلًا ۝۸

ترجمو ڪنزُالعرفان: ۽ سڀني کان جدا فقط انهي جو ٿي ر هه.

(سيپارو: 29، مزمل: 8)

يعني الله پاڪ جي عبادت اهڙي هجي جو دل الله پاڪ ڪانسواءِ ڪنهن جي ياد ۾ مشغول نه هجي، عبادت جي وقت سڀني کان لاتعلق ٿي وڃي، صرف ۽ صرف الله جي ئي طرف توجهه رهي،

ڪاش! اسان کي هيءَ سعادت ملي وڃي. اوتري الله پاڪ جي محبت ته دل ۾ اچي ئي ويندي جو سجدو ڪيون ته دل يادِ الٰهي ۾ بڏل هجي، ان ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي پاسي توجهه نه هجي.

لوگ کہتے ہیں ساغرؔ کو خدا یاد نہیں | آؤ! اِک سجدہ کریں عالمِ مدہوشی میں

## الله وارن جو پيارو انداز

حضرت رابعه بصريه رحمۃُ اللہِ علیہا تمام وڏي وليه هئي. سندن عادت هئي، روزانو ڪثرت سان نفل پڙهنديون هيون ۽ فرمائينديون هيون: مان چاهيان ٿي ته قيامت جي ڏينهن جڏهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيان ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خوش ٿي ڪري ٻين نبين سڳورن عَلَيْهِمُ السَّلَام کي

ٻڌائين: ڏسو! هيءَ منهنجي امت جي خاتون آهي، جيڪا روزانو ڪثرت سان نفل پڙهندي هئي.

هڪ ڀيري حضرت رابعه بصريه رَحمَةُ اللهِ عَلَيْها ڪمري ۾ ويهي الله پاڪ جي ياد ۾ مصروف هيون. ۞ ٻاهر مينهن وسيو ۞ موسم خوبصورت ٿي وئي ۞ هر شيءِ خوبصورت هئي ۞ وڻن جا پنَ به وهنجي چڪا هئا ۞ هلڪي هلڪي هوا هلي رهي هئي ۞ ٿڌي ٿڌي اُس نڪتل هئي ۞ ان سان گڏوگڏ آسمان تي ڪمان (*Rain Bow*) به ٺڄي وئي، ست رنگن جو خوبصورت دائرو جيڪو بارش کان بعد ڪڏهن ڪڏهن آسمان تي ٺڄي ويندو آهي، ان کي ڪمان چوندا آهن. هي سڄو منظر نهايت خوبصورت ۽ سُهانو هو. حضرت رابعه بصريه رَحمَةُ اللهِ عَلَيْها جي خادمه هي منظر ڏٺو ته عرض ڪيائين: اي رابعه! ٻاهر تشريف وٺي اچو! الله پاڪ جي قدرت جو نظارو ڏسو! فرمايائون: هي نظارا ڇڏيو...!! اندر اچو! مون سان گڏ ويهي هي منظر ناهڻ واري جي ياد ۾ مصروف ٿي وڃو...!![1]

| | |
|---|---|
| نہ غرض کسی سے نہ واسطہ | مجھے کام اپنے ہی کام سے |
| تیرے ذِکْر سے، تیری فکر سے | تری یاد سے، ترے نام سے |

سبحان الله! هي آهن الله وارن جا پيارا انداز...!! قدرت جا حسين نظارا ڏسڻ جائز آهي، ان ۾ گناهه ناهي پر هي الله وارا آهن، الله پاڪ سان محبت ڪرڻ وارا ماڻهو آهن، الله پاڪ جي ياد ۾ اهڙا مصروف رهندا هئا جو ان پاسي کان توجهه هٽائي ڪري ڪنهن ٻئي پاسي خيال نه ڪندا هئا.

## اسان ۽ سوشل ميڊيا (Social media)

افسوس! هاڻي اسان جو حال ته تمام بي حال (ٿي ويو) آهي. ڀهريان ته الله پاڪ

---

[1]...تذكرة الاولياء، باب هشتم، ذكررابعة رحمة الله عليها، ٧٢/١.

جي ياد جي لاءِ وقت ڪڍندا ئي ناهيون، دنيا ۾ اوترو ڦاسي ويا آهيون جو بَس ڏينهن رات ڪمائڻ، ڪائڻ وغيره جا ئي خيال رهندا آهن، رهي سهي ڪسر سوشل ميڊيا ڪڍي ڇڏي. بَس موبائل هٿ ۾ آهي، دنيا جهان کان بي خبر بَس ان ۾ ئي لڳل آهيون ۞فيس بُڪ (*Facebook*) ۞يُوٽيوب (*YouTube*) ۞ انسٽاگرام (*Instagram*) وغيره تي فضول پوسٽون ڏسندا رهندا آهيون، گناهن ڀريا ريلز (*Reels*) ڏسندا رهندا آهيون، ٽِڪ ٽاڪ (*Tik Tok*) تي وڊيوز ڏسندا رهندا آهيون، فضول ۾ سڪرولنگ ڪندا رهندا آهيون، ڪيئي ڪيئي ڪلاڪَ انهن فضول ڪمن بلڪ گناهن ڀري ڪمن ۾ گذري ويندا آهن، نہ دنيا جو ڪو فائدو حاصل ڪيو، نہ ئي آخرت جي ڪا تياري ڪئي، ايئن دنيا بہ برباد، آخرت بہ تباهہ...!!

نہ خدا ہی ملا نہ وِصالِ صَنَم

نہ اِدھر کے رہے نہ اُدھر کے رہے

يعني سوشل ميڊيا ۾ گم ٿي ڪري ائين بي خبر ٿي وياسين جو نہ دنيا جو ڪو فائدو ڪنيو، نہ ئي آخرت ڪمائي، بَس ائين پنهنجي قيمتي وقت کي باهہ ڏئي ڇڏي. ڪاش! اسان کي احساس ٿي وڃي ۽ اسان پنهنجو قيمتي وقت نيڪ ڪمن ۾ گذارڻ وارا بڻجي وڃون.

کچھ ایسا ہو کرم ماہِ رسالت یارسولَ اللہ! | کروں اللہ کی دل سے عبادت یارسولَ اللہ!

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سوشل ميڊيا جا ڪجهه فائدا

پيارا اسلامي ڀائرو! مان ھيءُ ھرگز نہ ٿو چوان تہ سوشل ميڊيا جا صرف نقصان ئي نقصان آھن، يقيناً ان جا فائدا بہ ڪوڙ سارا آھن، ۞ سوشل ميڊيا جي ذريعي رابطن ۾ تمام گھڻي آساني ٿي وئي آھي ۞ اسان پري ويھي پنھنجي مٽن مائٽن سان رابطي ۾ رھندا آھيون ۞ خير خيريت معلوم ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي آھي ۞ ان جي ذريعي ھفتن، مھينن جا ڪم ڪلاڪن ۽ منٽن ۾ ٿي ويندا آھن ۞ سوشل ميڊيا جي ذريعي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ آسان ٿي ويو آھي ۞ ان جي ذريعي علمِ دين سکڻ سيکارڻ آسان ٿي ويو آھي ۞ بلڪ سوشل ميڊيا ثوابِ جاريہ جو ذريعو پڻ آھي، ڪيترائي عاشقانِ رسول عُلماءِ ڪرام آھن، جيڪي دنيا مان پردو ڪري ويا آھن، سوشل ميڊيا تي انھن جا ايمان افروز بيانَ موجود آھن، ماڻھو ٻڌندا آھن، علمِ دين سکندا آھن، عمل جو جذبو ماڻيندا آھن، دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شورا جي مرحوم حاجي مشتاق عطاري رحمۃ اللہ علیہ دنيا کان وڃي چڪا آھن، اللہ پاڪ انھن تي رحمت جي بارش وسائي، انھن جون نعتون ھاڻي بہ سوشل ميڊيا تي موجود آھن، ٻڌي ڪري سڪون ملندو آھي، دل ۾ عشقِ رسول وڌندو آھي، الحمد للہ! ھيءَ انھن جي نيڪي آھي جيڪا اڃان تائين باقي آھي، يقيناً ان جو ثواب انھن کي ھاڻي بہ ملندو ھوندو. اھڙي طرح وڏيڪ غور ڪندا وڃو تہ سوشل ميڊيا جا ڪوڙ فائدا آھن. پر.......

## سوشل ميڊيا جو مثال شراب جيان آھي

سوشل ميڊيا جو مثال شراب ۽ جُوا جھڙو آھي. اللہ پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو:

وَاِثْمُهُمَآ اَكْبَرُ مِنْ نَّفْعِهِمَا ؕ

ترجموڪنزُالعرفان: ۽ انھن جو گناھ انھن جي نفعي کان گھڻو وڏيڪ آھي.
(سيپارو: 2، سورة بقرة219)

يعني شراب ۽ جوا جا ظاهري طور تي ڪجھ فائدا بہ آهن پر انهن جو گناھ، انهن جي فائدن کان ڪيئي ڀيرا وڏيڪ آهي.

مان هي نہ ٿو چوان تہ سوشل ميڊيا شراب وانگر حرام ۽ گناھ آهي. هي صرف سمجھائڻ جي لاءِ مثال عرض ڪري رهيو آهيان تہ جھڙي طرح شراب ۽ جوا جا ظاهري طور تي ڪجھ فائدا آهن پر انهن جو گناھ فائدن کان تمام وڏيڪ آهي، ائين ئي سوشل ميڊيا جا فائدا بہ آهن پر انهن جي ذريعي گناهن ۾ پوڻ جا خطرا ۽ ان جا نقصان تمام گھڻا آهن.

## هڪ فڪرانگيز سوال

سڀ کان وڏو نقصان ان جو هي آهي تہ سوشل ميڊيا غفلت جو تمام وڏو سبب آهي. قرآن پاڪ ۾ الله پاڪ سڀني انسانن کان هڪ سوال پڇيو آهي، نهايت فڪر انگيز ۽ سوچڻ سمجھڻ جي لائق سوال آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الْاِنْسَانُ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيْمِ ۝٦

ترجمو ڪنزُالعرفان: اي انسان! توکي ڪھڙي شيءِ پنهنجي ڪرم واري ربّ جي باري ۾ ڌوکي ۾ وڌو آهي.

(سيپارو: 30، سورة انفطار:6)

هي سوال مون کان بہ آهي، اوهان کان بہ آهي، زيد، عَمرو، بڪر وغيره سڀني کان آهي، سڀني جي لحاظ سان ان جو جواب مختلف هوندو ۞ ڪنهن کي دنيا جي محبت الله پاڪ کان غافل ڪندي آهي ۞ ڪنهن کي مال جي طلب الله پاڪ کان غافل ڪندي آهي ۞ ڪنهن کي منصب جي چاهت الله پاڪ کان غافل ڪندي آهي ۞ ڪنهن کي فضوليات جي ڪثرت الله پاڪ کان غافل ڪندي آهي ۞ ڪنهن کي نفساني خواهشون الله پاڪ جي ياد کان غافل

ڪنديون آهن ◈ ڪنهن کي حسد غافل ڪندو آهي ◈ ڪنهن کي بغض ۽ ڪينو غافل ڪندو آهي ◈ ڪنهن کي عزت ۽ شهرت غافل ڪندي آهي ۽ هڪ شيءِ جيڪا سيني جي لاءِ جان جو وبال آهي، جيڪي ٻچيل آهن، اهي ٻچي ويا، باقي انهن ڪان علاوه سيني کي الله جي ياد ڪان غافل ڪرڻ واري هڪ شيءِ سوشل ميڊيا بہ آهي.

ڪيترا ئي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي سوشل ميڊيا جي ڪري الله پاڪ جي ياد ڪان غافل آهن، ڪيترا ئي اهڙا آهن جو سوشل ميڊيا جي ڪري ◈ انهن جي جماعت ڇڏجي ويندي آهي ◈ نمازون قضا ٿي وينديون آهن ◈ روزانو فيس بُڪ هلائڻ جو وقت ملي ويندو آهي پر افسوس! روزانو قرآنِ ڪريم کولڻ، تلاوت ڪرڻ جو وقت ناهي ملندو ◈ يوٽيوب روزانو مسلسل ڏسندا آهيون، دُرودِ پاڪ روزانو ناهي پڙهيو ويندو ◈واٽس ايپ تي اسٽيٽس (*Status*) روزانو ڏسندا آهيون. ◈ ڏينهن ۾ هرهر ڏسي وٺندا آهيون پر الله پاڪ جي ياد روزانو ناهي ٿي سگهندي ◈ فيس بُڪ تي پوسٽون (*Posts*) لڳائي ڪري باربار ڏسندا رهندا آهيون، تہ ڪيترا لائڪس ٿيا آهن؟ ڪيترا ويوز مليا آهن؟ ◈ مسجد ۾ آهيون يا بازار ۾ مارڪيٽ ۾ آهيون يا ڪنهن هوٽل تي ◈ ڪنهن بزرگ جي مزار تي آهيون يا ڪنهن نيڪ هستي جي قرب ۾ ◈عاشقانِ رسول عُلماءِ ڪرام جي خدمت ۾ آهيون يا گهر ۾ حرم پاڪ ۾ آهيون يا مديني پاڪ ۾ ايستائين جو عين ڪعبہ شريف جي سامهون بلڪل سنهري ڄارين جي سامهون بہ موبائل هٿ ۾ هوندو آهي، بَس هڪ ئي ڌُن هوندي آهي، (*Selfie*) سيلفي ناهيو! فيس بُڪ تي چاڙهيو...!! بَس انهيءَ هڪ فضول ڌُن جي ڪري ماڻهو ڪيترائي اهم موقعا وڃائي ڇڏيندا آهن، ◈ دعائن جي قبوليت جا وقتَ هوندا آهن ◈ مُقدس مقامات هوندا آهن ◈ اهڙن جايُن تي، اهڙن موقعن تي دعائون گهرڻ جي بدران انهن مقامن جون برڪتون وٺڻ جي بدران پنهنجي

بخشش ۽ مغفرت جو سامان ڪرڻ جي بدران ماڻهو سيلفين ۾ وقت تباهه ڪري ڇڏيندا آهن.

دن لھو میں کھونا تجھے شب صبح تک سونا تجھے | شرمِ نبی خوفِ خدا یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں

وضاحت: افسوس رات ڏينهن نافرمانين ۾، غفلتن ۾، فضوليات ۾ گذاريا ويندا آهن، ۽ مٿان هي ستم جو نه الله پاڪ جو خوف آهي نه ئي نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ڪنهن ڳالهه جو شرم ته سڀاڻي قيامت جي ڏينهن انهن هستين کي ڪهڙو منهن ڏيکاريندس.

## انسان خساري ۾ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ فرمايو:

وَالْعَصْرِ ۝١ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِیْ خُسْرٍ ۝٢

ترجمو ڪنزُ العرفان: زماني جو قسم. بيشڪ انسان ضرور نقصان ۾ آهي.
(سيپارو: 30، سورةُ عصر: 1_2)

هن جي تفسير ۾ امام حسن بصري رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هتي عصر مان مُراد عصر جو وقت آهي ۽ ان جو قسم ارشاد فرمائي ڪري اسان کي تنبيهه ڪئي آهي ته جهڙي طرح عصر جو وقت ڏينهن جو اختتامي وقت آهي، ان وقت ڪم ڪار ڪرڻ وارا، بازار ۾ دڪان هلائڻ وارا پنهنجا دڪان بند ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهن، هاڻي اهو وقت ويجهو اچي ويندو آهي جنهن سڄي ڏينهن ۾ ڪجهه نه ڪمايو، جلد ئي اهو پنهنجي گهر پهچندو، ان جا ٻار ٻچا، اهل و عيال ان جي چؤ طرف جمع ٿي ويندا ۽ پيسن ۽ کاڌي وغيره جو مطالبو ڪندا. تڏهن ان کي شرمندگي ٿيندي، ائين ئي اي انسان! دنيا پنهنجي عصر جي وقت تي آهي،

قيامت ويجهو اچي وئي آهي، جلد ئي موت پنهنجو ڄار وڇائيندو، تنهنجو روح ڪڍيو ويندو، توکي اونداهي قبر ۾ لاٿو ويندو، هاءِ افسوس! اهو نادان جيڪو غفلت ۾ رات ڏينهن گذاري رهيو آهي، اهو ڪيتري خساري ۾ آهي؟ ڪيتري نقصان ۾ آهي. ها! ها! جلد، تمام جلد حشر برپا ٿيندو، پوءِ اسان کان پڇيو ويندو، دنيا ۾ ڇا ڪمايو؟ الله پاڪ جي ڏنل نعمتن جو ڪيترو حق ادا ڪيو؟ هر هر نعمت جي متعلق پڇيو ويندو. الله پاڪ فرمائي ٿو:[1]

اِقْتَرَبَ لِلنَّاسِ حِسَابُهُمْ وَهُمْ فِيْ غَفْلَةٍ مُّعْرِضُوْنَ ۝۱

ترجمو ڪنزُ العرفان: ماڻهن جو حساب ويجهو اچي ويو ۽ اهي غفلت ۾ منهن ڦيريون پيا آهن. جڏهن انهن وٽ انهن جي ربّ وٽان ڪا نئين نصيحت ايندي آهي ته ان کي ڪيڏيندي ئي ٻڌندا آهن.

(سيپارو: 17، سورة انبياء: 1)

اے رب کے حبیب آؤ! اے میرے طبیب آؤ! | اچھا یہ گناہوں کا بیمار نہیں ہوتا
پاکیزہ گناہوں سے کِردار نہیں ہوتا | گو لاکھ کروں کوشش، اِصلاح نہیں ہوتی (2)

## ڪم ٻڌايو...!! مونکي جلدي آهي

قبيلہ بنو تميم جو هڪ شخص چئي ٿو: هڪ ڀيري مان حضرت عامر بن عبدُالله رحمۃُ اللہِ علیہ جي خدمت ۾ حاضر ٿيس: جڏهن (اُتي) پهتس ته اهي نماز ادا ڪري رهيا هئا، مان انتظار ۾ ويهي رهيس، انهن جيئن ئي سلام ڦيريو ته فرمايائون: پنهنجو ڪم ٻڌايو...!! مونکي جلدي آهي. مون عرض ڪيو: ڪهڙي جلدي آهي؟ فرمايائون: الله پاڪ اوهان تي رحم فرمائي، خبر ناهي ڪڏهن ملڪ

[1]...تفسير كبير،پاره:30، سورۂ عصر،زيرِ آيت ،: جلد:11، صفحہ:278خلاصةً۔

[2]...وسائلِ بخشش،صفحہ:163۔

الموت عَلَيۡهِ السَّلَام پهچي وڃن (يعني خبر ناهي زندگي ڪيتري باقي آهي، ان ڪري مونکي گهٽي ڪان گهٽيون نيڪيون جمع ڪرڻيون آهن، هي جلدي آهي.) (حفظ العمر، ص:۴۹)

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! هي هئا الله پاڪ جا نيڪ ٻانها، آخرت جي تياري ڪرڻ وارا ماڻهو...!! اسان وٽ ته وقت ئي وقت آهي، ٻه چار ڪلاڪ ته سوشل ميڊيا تي ائين ئي فضوليات ۾ گذاري ڇڏيندا آهيون، افسوس! اسان کي وقت جو قدر ناهي رهيو پر ياد رکندا! زندگي کهڙن ڪمن ۾ گذاري آهي، قيامت جي ڏينهن ان جو حساب ڏيڻو پوندو.

## بيشڪ هو وڏي گُمراهي ۾ آهي

علامه اِبنِ جوزي رحمۃُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: هڪ ڀيري حضرت منصور بن عمّار رحمۃُ اللهِ عَلَيۡه خليفه عبدُ الملڪ بن مَروان وٽ تشريف وٺي آيا، خليفي چيو: اي منصور! مان اوهان کي هڪ سال جو وقت ڏيان ٿو، هڪ سوال جو جواب ڳولي ڪري اَڻيندا! اهو سوال هي آهي ته سڀ کان وڌيڪ عقل مند ڪير آهي؟ ۽ سڀ کان وڌيڪ جاهل ڪير آهي؟ عبدُ المَلِڪ بن مروان جو سوال ٻڌي ڪري حضرت منصور بن عمار رحمۃُ اللهِ عَلَيۡه واپس موٽي ويا، اجان دروازي جي ويجهو ئي مَس پهتا هئا ته موٽي آيا. عبدُالمَلڪ بن مروان چيو: واپس ڇو آيا آهيو؟ فرمايائون: جواب ملي ويو آهي، اهو هي ته سڀ کان وڌيڪ عقل مند اهو آهي جيڪو نيڪيون به ڪري ۽ الله پاڪ کان ڊڄندو به رهي جڏهن ته سڀ کان وڌيڪ جاهل اهو آهي جيڪو گناه ڪري، پوءِ به پاڻ کي عذاب کان محفوظ سمجهي. هي عبرت انگيز جواب ٻڌي ڪري عبدُ الملڪ بن مروان تي رقت طاري ٿي وئي، ايترو رُنا، ايترو رُنا جو ڳوڙهن سان ڪپڙا آلا ٿي ويا. پوءِ چيائين: اي منصور خُدا جو قسم! اوهان صحيح چيو. پوءِ چيائين: اي منصور! قرآنِ ڪريم جي ڪا آيت ٻڌايو! حضرت منصور بن عمار رحمۃُاللهِعَلَيۡه هي آيتِ ڪريمه تلاوت ڪئي:

يَوْمَ تَجِدُ كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ مِنْ خَيْرٍ مُّحْضَرًا ۚۛ وَّمَا عَمِلَتْ مِنْ سُوْٓءٍ ۚۛ تَوَدُّ لَوْ اَنَّ بَيْنَهَا وَبَيْنَهٗۤ
اَمَدًۢا بَعِيْدًا ؕ وَيُحَذِّرُكُمُ اللّٰهُ نَفْسَهٗ ؕ وَاللّٰهُ رَءُوْفٌۢ بِالْعِبَادِ ﴿۳۰﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: (ياد ڪيو) جنهن ڏينهن هر شخص پنهنجا تمام سنا ۽ خراب عمل پنهنجي سامهون موجود ڏسندو ته خواهش ڪندو ته ڪاش ان جي وچ ۾ ۽ ان جي عملن جي وچ ۾ ڪو وڏو فاصلو (حائل) ٿي وڃي ۽ الله توهان کي پنهنجي عذاب کان ڊيڄاري ٿو ۽ الله تي وڏو مهربان آهي.

(سيپارو: 3، سورة آل عمران: 30)

هي آيت ڪريمه ٻڌي ڪري عبدُالملڪ بن مروان تي خوفِ خُدا جو غلبو ٿي ويو: چيائين: اي منصور! تو مون کي ماري ڇڏيو هي چوندي ئي بيهوش ٿي ڪِري پيا. پوءِ جڏهن افاقو ٿيو ته چيائين: اي منصور! الله پاڪ جو فرمان آهي:

وَيُحَذِّرُكُمُ اللّٰهُ نَفْسَهٗ ؕ

ترجمو ڪنزُالعرفان: ۽ الله توهان کي پنهنجي عذاب کان ڊيڄاري ٿو

(سيپارو: 3، سورة آل عمران: 30)

هن جو ڇا مطلب آهي؟ فرمايائون هن جو مطلب اهو آهي ته الله پاڪ توهان کي پنهنجي پڪڙ ۽ عذاب کان ڊيڄاري ٿو. هي ٻڌي ڪري عبدُالملڪ بن مروان وري ٻيهر روئڻ شروع ڪري ڏنو. پوءِ جڏهن افاقو ٿيو ته پڇيائين: الله پاڪ جو فرمان آهي:

يَوْمَ تَجِدُ كُلُّ نَفْسٍ مَّا عَمِلَتْ مِنْ خَيْرٍ مُّحْضَرًا ۚۛ وَّمَا عَمِلَتْ مِنْ سُوْٓءٍ ۚۛ

ترجموڪنزُالعرفان: پنهنجا تمام سنا ۽ خراب عمل پنهنجي سامهون موجود ڏسندو.

(سيپارو: 3، سورة آلِ عمران: 30)

هن جو ڇا مطلب آهي؟ فرمايائون: قيامت جي ڏينهن هر نندو، وڏو گناهه ٻانهي جي سامهون ڪيو ويندو. هي ٻڌي ڪري عبدُالملڪ بن مروان وري رُنو، ايستائين جو انهن تي بيهوشي طاري ٿي وئي جڏهن هوش آيو ته چيائين: الله پاڪ جو قسم! جيڪو هن آيت ۾ غور ڪري، پوءِ به الله پاڪ جي نافرماني ڪندو رهي، بيشڪ اها وڏي گُمراهي آهي.[1]

خُدائے قہّار ہے غضب پر، کُھلے ہیں بدکاریوں کے دفتر
بچالو آکر شفیعِ محشر تمہارا بندہ عذاب میں ہے (2)

الله پاڪ اسان تي ڪرم فرمائي! ڪاش! اسان پنهنجي وقت جو قدر ڪرڻ، پنهنجو هي قيمتي اثاثو نيڪ ڪمن ۾ گذارڻ وارا بڻجي وڃون.

## بدنگاهي عام ٿي رهي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! سوشل ميڊيا جي وڏن وڏن نقصانن مان هڪ وڏو نقصان هي آهي ته ان جي ذريعي اڪين جا گناهه به وڌي ويا آهن، ڪنن جا گناهه به وڌي ويا آهن. بَس يوٽيوب، فيس بُڪ وغيره کولڻ جي دير هوندي آهي، بدنگاهيون شروع ٿي ويندیون آهن. هاڻي ته هيءَ حالت ٿي وئي آهي جو ڪا سُٺي شيءِ به هلايون، نعتِ پاڪ هلايون، عاشقانِ رسول عُلماءِ ڪرام جا بيانات هلايون، شروع ۾ ڪجهه منٽن جي ايڊ اچي ويندي آهي، ان ۾ ميوزڪ به هوندو آهي، بدنگاهي به ٿيندي آهي.

مطلب ته ان جي ذريعي اکين ۽ ڪنن جا گناهه تمام گهڻا وڌي ويا آهن ۽ هي نهايت سخت گناهه آهن، الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

---

[1]... بستان الواعظين،مجلس فی قولہ تعالٰی :يوم تاتی كل ...الخ،حكايۃ عن احد الصالحين،صفحہ:79ملتقطًا۔
[2]... حدائقِ بخشش، صفحہ:181۔

اِنَّ السَّمۡعَ وَالۡبَصَرَ وَالۡفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓئِكَ كَانَ عَنۡهُ مَسۡـُٔوۡلًا ﴿۳۶﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ ڪن ۽ اک ۽ دل انهن سڀني جي باري ۾ سوال ڪيو ويندو.

(سيپارو: 15، سورة بني اسرائيل: 36)

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلۡعَيۡنَانِ تَزۡنِيَانِ اکيون به بدڪاري ڪنديون آهن حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ کان روايت آهي: زِنَا الۡعَيۡنِ النَّظَرُ اکين جي بدڪاري ڏسڻ آهي.

## بدنگاهي جو عذاب

امام محمد بن محمد غزالي رَحمةُ اللّٰهِ عَلَيۡه نقل ڪن ٿا: جيڪو پنهنجي اکين کي حرام جي نظر سان ڀريندو الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي اکين کي باھ سان ڀري ڇڏيندو.

حضرت علامہ عبدُ الرحمٰن بن جوزي رَحمةُ اللّٰهِ عَلَيۡه نقل ڪن ٿا: عورتن جي حسن ۽ جمال کي ڏسڻ ابليس جي تيرن مان زهر ۾ ٻُڏل هڪ تير آهي، جنهن نامحرم کان اک جي حفاظت نہ ڪئي ان جي اک ۾ قيامت جي ڏينهن باھ جي سَرائي ڦيري ويندي.

پيارا اسلامي ڀائرو: ٿورو غور تہ ڪيو تہ سرمو پائيندي اسان جا هٿ ڏڪندا آهن ۽ جيڪڏهن سرمي جي سَرائي اک ۾ لڳي وڃي يا سرمو ٿورو تيز هجي تہ اسان جي دانهن نڪري ويندي آهي جڏهن اسان کي سرمي جي معمولي سَرائي تڙپائي ڇڏيندي آهي تہ بدنگاهي جي سبب جيڪڏهن الله پاڪ ناراض ٿي ويو ۽ اسان جي اک ۾ باھ جي سرائي ڦيري وئي تہ اسان جو ڇا ٿيندو!

## عورت جي چادر ٻہ نہ ڏسو

حضرت علاء بن زياد رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: لَاتَتَّبِعْ بَصَرَكَ رِدَاءَ الْمَرْاَةِ فَاِنَّ النَّظَرَ يَجْعَلُ فِي الْقَلْبِ شَهْوَةً پنھنجي نظر کي عورت جي چادر تي بہ نہ وجھو ڇوتہ نظر دل ۾ شھوت پيدا ڪندي آھي.

الله! الله! غور فرمايو! اسان کي پرديدار عورت جي چادر تي نظر وجھڻ کان بہ روڪيو پيو وڃي تہ ان سان دل ۾ شھوت ايرندي آھي. افسوس! سوشل ميڊيا تي چادر جو تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، سوشل ميڊيا جي زينت بڻجڻ واري عورت ڪپڙا پورا پاتا ھجن، ھيءَ بہ غنيمت آھي. جڏھن پرديدار عورت جي چادر کي ڏسڻ سان بہ دل ۾ شھوت ايرندي آھي تہ غور فرمايو! اڌ ڪان وڌيڪ بي لباس عورت کي ڏسڻ سان دل جو حال ڇا ٿيندو ھوندو...!! اھوئي سبب آھي جو اسان جي معاشري ۾ جنسي تشدد جا واقعا وڌي رھيا آھن، بدڪاري عام ٿي رھي آھي، ننڍن ننڍن ڇوڪرين جي عزت محفوظ ناھي. ظالم ماڻھو 4، 5 سال جي ننڍڙين نياڻين کي جنسي تشدد (***Sexual violence***) جو نشانو بڻائي ڪري بي دردي سان قتل ڪري ڇڏيندا آھن. اَلْاَمَانَ وَالْحَفِيْظ!

اے خاصۂ خاصانِ رُسُل وقتِ دُعا ہے | امت پہ تری آ کے عجب وقت پڑا ہے
جو دین بڑی شان سے نکلا تھا وطن سے | پردیس میں وہ آج غریب الغربا ہے
جس دین کے مدعو تھے کبھی قیصرو کسریٰ | خود آج وہ مہمان سرائے فقرا ہے

## پنھنجي نگاھن جي حفاظت ڪيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! سوشل ميڊيا ھر ھڪ جي ضرورت بڻجي چڪو آھي، البتہ! ان جو صحيح استعمال تہ اسان جي اختيار ۾ آھي، پھريان تہ اھا ڪوشش

ڪيون ان کان بچي ئي وڃون! پوءِ ضرورت جي تحت جيڪڏهن استعمال ڪري رهيا آهيون تہ ان ۾ بدنگاهي کان ضرور بچون! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَا مِنْ مُسْلِمٍ يَنْظُرُ اِلٰى مَحَاسِنِ امْرَاَةٍ اَوَّلَ مَرَّةٍ ثُمَّ يَغُضُّ بَصَرَهُ اِلَّا اَحْدَثَ اللّٰهُ لَهُ عِبَادَةً يَجِدُ حَلَاوَتَهَا يعني جيڪو مسلمان ڪنهن عورت جي خوبين ڏانهن (بي ارادي) پهريون دفعو نظر ڪري پوءِ پنهنجي اک هيٺ ڪري وني، تہ الله پاڪ ان کي اهڙي عبادت جي توفيق عطا فرمائيندو جنهن جي هو لذت حاصل ڪندو .

## هڪ اک وارو ماڻهو

حضرت ڪعبُ الاحبار رحمةُ اللهِ عليه فرمائن ٿا تہ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي زماني ۾ هڪ ڀيرو ڏُڪار پيو، ماڻهن سندن بارگاهہ ۾ درخواست ڪئي تہ دعا ڪيو تہ مينهن وسي. پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام ارشاد فرمايو: اُخْرُجُوْا مَعِيَ اِلَى الْجَبَلِ مون سان گڏ پهاڙ تي هلو. سيئي ماڻهو گڏ هلڻ لڳا تہ پاڻ اعلان فرمايائون: لَايَتْبَعُنِيْ رَجُلٌ اَصَابَ ذَنْبًا مون سان گڏ ڪو اهڙو ماڻهو نہ هلي جنهن ڪو گناهہ ڪيو هجي. اهو ٻڌي ڪري سيئي ماڻهو واپس هليا ويا، صرف (بَرَخُ العابِد نالي) هڪ اک وارو ماڻهو گڏ هلندو رهيو. حضرت موسيٰ ان کي فرمايو: اَلَمْ تَسْمَعْ مَا قُلْتُ؟ ڇا اوهان منهنجي ڳالهہ نہ ٻڌي؟ عرض ڪيائين: ٻڌي آهي. پڇيائون: ڇا اوهان بلڪل بيگناهہ آهيو؟ عرض ڪيائين: اي ڪليمُ الله! مون کي پنهنجو ٻيو ڪو جرم تہ ياد ناهي، البت! هڪ ڳالهہ ٻڌايان ٿو جيڪڏهن اهو گناهہ آهي تہ مان بہ واپس هليو وڃان ٿو. فرمايائون: مَاهُوَ؟ اها ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ عرض ڪيائين: هڪ ڏينهن مان رستي تي گذري رهيو هئس ۽ ڪنهن جي رهائشگاهہ ۾ هڪ سان جهاتي پاتي، جتي ڪو بينو هو. ڪنهن جي گهر ۾ اهڙيءَ طرح جهاتي پائڻ تي مون

کي تمام گھڻو افسوس ٿيو. مان خوفِ خُدا سان ڏڪي ويُس، مون تي ندامت غالب آئي ۽ جنهن اک سان جهاتي پاتي هئي ان کي کڍي اڇلائي ڇڏيو. ارشاد فرمايائون! اِنْ كَانَ هٰذَا ذَنْبًا رَجَعْتُ جيڪڏهن منهنجو هي عمل گناهه آهي ته مان به هليو وڃان ٿو. حضرت موسىٰ عَلَيْهِ السَّلَام اُن شخص کي گڏ وٺي ويا، پوءِ جڏهن پاڻ جبل تي پهتا، ته اُن شخص کي ارشاد فرمايو: الله پاڪ کان بارش جي دعا ڪيو. ان هيئن دعا ڪئي: يَاقُدُّوس! يَاقُدُّوس! تنهنجو خزانو ڪڏهن ختم ناهي ٿيندو ۽ بخل تنهنجي صفت ناهي پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان اسان تي پاڻي وساءِ. فوراً بارش ٿي وئي ۽ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام ۽ اهو شخص پهاڙ کان واپس تشريف وٺي آيا.

سُبْحٰنَ الله! ڏسو بدنگاهي کان بچڻ جي ڪهڙي عظيم فضيلت آهي. الله پاڪ اسان کي توفيق بخشي، ڪاش! اسان بدنگاهي کان بچڻ وارا بڻجي وڃون.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ڇا پنهنجي اک ڪڍڻ جائز آهي؟

هتي هڪ ڳالهه ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو! بلاوجه پنهنجي ڪنهن به عضو کي ڪٽڻ شرعاً جائز ناهي. اسان جو جسم الله پاڪ جي امانت آهي، اسان ان ۾ خيانت نٿا ڪري سگهون. ڪنهن عضو کان گناهه ٿي وڃي ته توبه لاءِ ان عضو کي ڪٽڻ جو حڪم پهرين شريعتن ۾ هو، الحمدلله! اسان تي ڪرم ٿيو، الله پاڪ اسان کي نبيُّ التَّوبَه (يعني توبه قبول ڪرڻ واري، قبول ڪرائڻ واري نبي) صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جو امت بڻايو آهي. اسان لاءِ ايترا سخت حڪم ناهن، بلڪ فرمايو ويو آهي: گناهه تي سچي دل سان شرمندو ٿيو! ۽ آئنده گناهه نه ڪرڻ جو

پڪو ارادو ڪيو! اها ئي توبہ آهي. ان لاءِ اعضاء ڪٽڻ جي ضرورت ناهي، بلڪ شرعاً جائز ئي ناهي.

## غلط معلومات جي تشهير

پيارا اسلامي ڀائرو! سوشل ميڊيا جي وڏيڪ نقصان مان هڪ نقصان هي بہ آهي تہ ان جي ذريعي غلط فهميون تمام گهڻيون وڌنديون آهن. غلط معلومات هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پوري دنيا ۾ پکڙجي وينديون آهي. هڪ غلط پوسٽ هلندي آهي ۽ اها فارورڊ (*Forward*) ٿيندي ٿيندي ڪٿان کان ڪٿي پهچي وينديون آهي. پوءِ ان سان گڏوگڏ اسان وٽ بہ هي هڪ رويو بڻجي ويو آهي تہ ماڻهو دين جون ڳالهيون بہ سوشل ميڊيا کان سکندا آهن.

## حديثِ جي تحقيق جو غلط طريقو

هڪ صاحبِ علم آهي، اهو چئي ٿو: مان هڪ ڀيرو ڪتابن جي دڪان تي ويس. اتي هڪ شخص موجود هو، شايد ڪو بدمذهب هو بهرحال! گهڻو پڙهيل لکيل نہ هو. ان صحابيءِ رسول حضرت امير معاويہ رضی اللہ عنہ جي متعلق منفي ڳالهيون ڪرڻ شروع ڪري ڏنيون. گهڻو ڪجهہ چوندو رهيو، جيئن تہ ان کي سمجهائڻ جي خاطر مون هڪ حديثِ پاڪ ٻڌائي، اهو جلدي ۾ چوڻ لڳو: ڪٿي لکيل آهي هيءَ حديثِ پاڪ...؟ حوالو ڏيکاريو! اهو صاحبِ علم چئي ٿو: مان جو تہ ڪتابن جي دڪان تي هيس، **مڪتبۃُ المدينہ** جو ڪتاب فيضانِ اميرِ معاويہ رضی اللہ عنہ اتي رکيل هو. مون ڪتاب کنيو، اها حديث حوالي سان لکيل ڪڍي ڪري ڏيکاري.

جڏهن تہ حديثِ پاڪ اکين سان ڏسي ورتي، پاڻ پڙهي ورتي هاڻي گهرجي ها تہ اهو فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ علیہ والہٖ وسلم جي سامهون پنهنجو مٿو جهڪائي ڇڏي ها،

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم کي مجي ها پر...!! چوڻ لڳو: چلو نيڪ آهي...!! مان هن حديث کي گوگل (*Google*) تي سرچ (*Search*) ڪندس، پوءِ ڪو نتيجو ڪڍندس. لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْم...!! پيارا اسلامي ڀائرو! افسوس جي ڳالھ آهي. سوشل ميڊيا، انٽرنيٽ وغيره علمِ دين سکڻ جا ذريعا ناهن.

## علمِ دين ڪنهن کان سکون

مسلم شريف ۾ آهي: هي علم توهان جو دين آهي، بَس غور ڪيو تہ توهان دين ڪنهن کان سکي رهيا آهيو...!

ڇا اوهان ڄاڻيو ٿا: اسان جي اسلاف (يعني بزرگانِ دين) مبارڪ حديثون ڪيئن جمع ڪيون آهن؟ ڪيتري محنت سان علمِ دين سکندا هئا؟ امام سُيوطي رحمۃُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: حضرت ابو عباس مُستَغفري رحمۃُ اللهِ عَلَيْه کي خبر پئي تہ مصر ۾ حضرت ابو حامد مِصري رحمۃُ اللهِ عَلَيْه حديثِ خالد بن وليد روايت ڪن ٿا تہ پاڻ گهر ٻار ڇڏيائون، حديثِ خالد بن وليد ٻڌڻ جي لاءِ مصر پهتا، حضرت ابوحامد مصري رحمۃُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ ويا، حديث ٻڌائڻ جو عرض ڪيائون تہ پاڻ فرمايائون: پهريان هڪ سال جا روزا رکو، پوءِ ٻڌائيندُس. حضرت ابو عباس رحمۃُ اللهِ عَلَيْه کي حديث ٻڌڻ جو ايڏو شوق هو جو پاڻ هڪ سال جا روزا رکيائون، پوءِ حاضر ٿيا ۽ حديث خالد بن وليد ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪيائون.[1]

هن طرح حديثون سکيون ويندريون هيون، ايئن محنت ڪري علمِ دين ايندو آهي. اسان جي لاءِ نهايت آسان ذريعو ٿي ويو آهي، معاذَ الله! سوشل ميڊيا جا ٿي ڪري رهجي وياسين، الله پاڪ پناھ عطا فرمائي، ۞ هاڻي عُلماءِ ڪرام جي بہ ڪا ضرورت ناهي مدرسن جي بہ ڪا ضرورت ناهي بَس سوشل ميڊيا جي ذريعي اسان پاڻ ئي محقق (*Researcher*) بڻجي ويندا سين. الله پاڪ جي پناھ!

[1]... جامع الاحاديث،جلد:19،صفحہ:405،حديث:14922۔

ها! هيءَ ڳالھ صحِيح آهي تہ سوشل ميڊيا جي ذريعي عاشقانِ رسول عُلماءِ ڪرام جا بيان ٻڌي ڪري مدني مذاڪرا ڏسي ڪري آن لائن ڪورسز وغيره جي ذريعي بہ علمِ دين سکي سگهجي ٿو، هي بہ علمِ دين سکڻ جو هڪ اهم ۽ آسان ذريعو آهي پر سوشل ميڊيا کي بنياد بڻائي ڪري عُلماءِ ڪرام کان منهن موڙڻ نهايت غلط ڳالھ آهي، ان ڪري اسان جو دين برباد بہ ٿي سگهي ٿو. جي ها! سوشل ميڊيا جي ڪري ڪيترن ئي جا عقيده خراب ٿيا آهن سوشل ميڊيا تي ۞ مُلحد (خُدا جو انڪار ڪرڻ وارا) آهن ۞ اللّٰه پاڪ جو انڪار ڪرڻ وارا بي عقل ماڻهو آهن ۞ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون گستاخيون ڪرڻ وارا ۞ صحابہِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم جون گستاخيون ڪرڻ وارا، سڀئي پنهنجا پنهنجا دڪان لڳائي ويٺا آهن، جنهن وٽ جيڪو ڪجھ آهي، اهو پنهنجو سامان وڪڻي رهيو آهي. هيءَ اسان جي ذميداري آهي تہ اسان بچي رهون، سوشل ميڊيا کان پنهنجي اکين کي بہ بچايون، پنهنجي ڪنن کي بہ بچايون، پنهنجي دل کي بہ بچايون، پنهنجي عقيدن کي بہ بچايون، ۽ پنهنجو ايمان بہ بچايون. ۽ هي جيڪو اسان وٽ چيو ويندو آهي: ٻڌو سڀني جي، ڪيو پنهنجي. هي بلڪل غلط ڳالھ آهي. مولانا حسن رضا خان صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا:

اپنا عزیز وہ ہے جسے تُو عزیز ہے

ہم کو ہے وہ پسند جسے آئے تُو پسند

اسان ڪنهن جي بہ نہ ٻڌنداسين، صرف ان جي ٻڌنداسين جيڪو ۞ محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون ڳالهيون ڪندو آهي ۞ جنهن جون ڳالهيون ٻڌي ڪري دل ۾ عشقِ رسول وڌندو آهي ۞ عشقِ صحابہ وڌندو آهي ۞ عشقِ اهلبيت وڌندو آهي ۞ محبتِ اولياء ۾ اضافو ٿيندو آهي، جنهن جي ڳالهين مان ۞ نفرت جي بُوءِ ايندي آهي ۞ جيڪو صحابہِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم جون گستاخيون ڪندو آهي ۞ ولين سڳورن رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جون گستاخيون ڪندو آهي، ان جي ڳالھ

ٻڌڻ تہ پري جي ڳالھہ ان جي ڏسڻ کان بہ بچندو رهڻ گهرجي. اللّٰه پاڪ اسان کي ان جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## سوشل ميڊيا جا طبي نقصان

پيارا اسلامي ڀائرو! سوشل ميڊيا جا طبي نقصان (***Medical damages***) بہ ڪوڙ آهن، مثال طور ۞ سوشل ميڊيا جو گهڻو استعمال ذهني تناءُ (***Mental stress***) جو سبب بڻجندو آهي ۞ بي چيني وڌندي آهي ۞ ڊپريشن (***Depression***) ۾ اضافو ٿيندو آهي ۞ ان سان بيخوابي (آرام واري ننڊ نہ اچڻ) جي بيماري بہ لڳي سگهي ٿي ۞ اهڙيءَ طرح سوشل ميڊيا جي گهڻي استعمال سان خود اعتمادي (***self confidence***) گهٽ ٿيندي آهي ۞ حقيقي دنيا کان ڪَٽجي ڪري گهڻو خيالي دنيا ۾ رهڻ وارو بڻجي ويندو آهي ۞ ان سان سُستي وڌندي آهي ۞ هاضمو خراب ٿيندو آهي ۞ نفسياتي بيماريون پيدا ٿينديون آهن ۞ يادداشت ڪمزور ٿيندي آهي. ان کان علاوه ٻيا بہ ڪوڙ نقصانات آهن جيڪي سوشل ميڊيا جي ذريعي ٿيندا آهن.

تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ سوشل ميڊيا جو استعمال گهٽ کان گهٽ ڪيون ۽ ضرورت جي تحت جيترو استعمال ڪرڻو آهي ان ۾ محتاط رهون.

## سوشل ميڊيا جي استعمال جون ڪجھ احتياطون

سوشل ميڊيا جي استعمال جون ڪجھ احتياطون عرض ڪريان ٿو:

## (1) دامن بچائي رکو!

قرآنِ ڪريم ۾ نيڪ ٻانهن جو هڪ وصف بيان ٿيو آهي:

وَاِذَا مَرُّوْا بِاللَّغْوِ مَرُّوْا كِرَامًا ﴿۷۲﴾

ترجمو ڪنزُالعرفان: ۽ جڏهن ڪنهن بيهوده ڳالهه وٽان گذرندا آهن ته پنهنجي عزت سنڀاليندي گذري ويندا آهن.

(سيپارو: 19، سورة فرقان: 72)

يعني الله پاڪ جا نيڪ ٻانها جڏهن ڪنهن فضول ۽ بيهوده مجلس يا شيءِ جي ويجهو کان گذرندا آهن ته پنهنجو دامن بچائي ڪري گذرندا آهن. تنهنڪري سوشل ميڊيا استعمال ڪندي وقت قرآن پاڪ جي هن نصيحت کي ضرور سامهون رکو! سوشل ميڊيا استعمال ڪرڻ آهي ته ان تي جيڪي به بيهودگيون آهن، انهن کان دامن بچائي رکو! ۞ بدنگاهي نه ڪيو! ۞ ميوزڪ وغيره ٻڌڻ کان بچو! ۞ بدعقيده ۽ بُرن ماڻهن جون ڳالهيون نه ٻڌو! ۞ غير مسلمن ۽ مُلحدن (*Atheists*) جون ڳالهيون نه ٻڌو! ۞ صرف ۽ صرف ضرورت جو استعمال ڪيو! صرف ۽ صرف عاشقانِ رسول عُلماءِ ڪرام جون ئي ڳالهيون ٻڌو!

## مذاق مشڪري کان بچو!

هڪ اهم ڳالهه هيءَ ته سوشل ميڊيا تي جيڪي مزاحيه شيون اينديون آهن، کلڻ کلائڻ واريون شيون، انهن کان پري رهو! هي هڪ طرح سان جادوگري شيون هونديون آهن جيڪي اسان جي دل ۽ دماغ تي قبضو ڪري وٺنديون آهن، انهن کان بچڻ نهايت ضروري آهي، انهن جي سبب سوشل ميڊيا جي عادت

لڳي ويندي آهي، هڪ نشو ٿي ويندو آهي، پوءِ هڪ ٻانهو انهن ڪان بچي ناهي سگهندو. تنهنڪري مزاحيه شين ڪان بچو! حديث پاڪ ۾ آهي: وَيْلٌ لِّلَّذِیْ يُحَدِّثُ بِالْحَدِيْثِ لِيُضْحِكَ بِهِ الْقَوْمَ فَيَكْذِبُ، وَيْلٌ لَهُ، وَيْلٌ لَهُ اهو شخص برباد ٿئي جيڪو اهڙي ڳالھ بيان ڪندو آهي، تہ جيئن ان سان ماڻهو کلن، پوءِ هو ان مقصد لاءِ ڪوڙ بہ ڳالهائي وڃندو آهي، اهڙي شخص جي لاءِ بربادي هجي، اهڙي شخص جي لاءِ بربادي هجي.

## (2): بامقصد رهو!

سوشل ميڊيا جو استعمال بامقصد بڻايو! يعني ضروري مقصد جي تحت ئي ان ڪي استعمال ڪيو! ان ڪان علاوه استعمال نہ ڪيو! هڪ بزرگ گذريا آهن: شيخ تاجُ الدين سڪندر رحمۃُاللہِعلیہ. پاڻ فرمائن ٿا: اَلْكَوْنُ كُلُّهُ ظُلْمَةٌ وَ اِنَّمَا اِنَارُهُ ظُهُوْرُ الْحَقِ فِيْهِ يعني هي سڄي دنيا ظلمت ۽ اونداهي آهي، هي الله پاڪ جو نالو آهي جيڪو ان ڪي روشن ڪري ڇڏيندو آهي.(حکم عطائیہ، ص:۳۴-۳۵)

چوڻ جو مقصد هي آهي تہ هن دنيا جو هر ڪم ظلمت ۽ اونداهي جو سبب آهي، جڏهن هن ۾ الله پاڪ جي رضا ڪي شامل ڪندا آهيون تہ اهو ڪم نيڪي ۽ نور بڻجي ويندو آهي. بَس سوشل ميڊيا جو استعمال بہ چڱن ڪمن جي لاءِ ئي ڪيو! اهڙن ڪمن جي لاءِ ڪيو! جن جو دنيا يا آخرت ۾ ڪو فائدو هجي، جن ۾ اوهان چڱيون نيتون ڪري سگهو ٿا، نہ تہ ان ڪان پري ئي رهو!

## (3): وقت مقرر ڪري وٺو!

پنهنجو ٽائيم ٽيبل (*Time table*) بڻايو! ۽ سوشل ميڊيا جي بامقصد استعمال جي لاءِ بہ هڪ خاص وقت رکو! صرف انهيءَ وقت ۾ استعمال ڪيو! ائين ئي

هي احتياط فرمايو ته جڏهن به موبائل هٿ ۾ کڻو، ان کان پهريان چڱي طرح ذهن بڻائي وٺو ته مان ڪهڙي مقصد جي لاءِ موبائل کڻي رهيو آهيان، پوءِ اهو ئي مقصد پورو ڪري موبائل رکي ڇڏيو! ان کان علاوه ٻيون ايپليڪيشنز وغيره نه کوليو!

## (4): فيملي کي ٽائيم ڏيو!

فيملي جي ٽائيم ۾ موبائل استعمال نه ڪيو! بلڪه هن وقت موبائل کي پاڻ کان پري ڪري ڇڏيو! هي نهايت اهم پوائنٽ آهي. افسوس! جو سوشل ميڊيا جي ڪري ماڻهو پنهنجي فيملي کي، پنهنجي ٻارن کي پوري طرح وقت ناهن ڏيندا، ياد رکو! اسان جو پيارو دين اسلام اسان کي سوشل لائف (*Social life*) گذارڻ جي ترغيب ڏياري ٿو، يعني اسان کي گهرجي ته پنهنجي گهروارن، رشتيدارن ۽ عزيزن سان باقاعده سان وقت گذاريون، انهن کي ٽائيم ڏيندا ڪريون، انهن سان ويهندا ڪيون، ڳالهيون ڪندا ڪيون، انهن جا غم ٻڌندا ڪيون، انهن کي نيڪي جي دعوت ڏيندا ڪيون ۽ انهن سان چڱو سلوڪ ڪندي، نيڪين واري زندگي گذاريون.

## (5): رياڪاري کان بچو!

پنهنجون نيڪيون پاڻ تائين محدود رکو! انهن کي سوشل ميڊيا تي شيئر نه ڪيو! هي هڪ عام رجحان بڻجندو پيو وڃي ته ماڻهو سوشل ميڊيا جي ذريعي پنهنجي نيڪ ڪمن جي تشهير ڪندا رهندا آهن. ان ۾ رياڪاري ۾ ڦاسڻ جو سخت خطرو آهي، ان ڪري جيترو ٿي سگهي پنهنجي نيڪين کي لڪايو! انهن کي سوشل ميڊيا جي نذر نه ڪيو! صحابيءِ رسول حضرت شدّاد بن اَوس رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان اُمت جي غمخوار، مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جي نوراني چهري تي پريشاني جا آثار ڏٺا تہ عرض ڪيم: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان!! هي پريشاني جا آثار ڇا جا آهن؟ اُمت جي فڪر ۾ غمگين رهڻ واري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: هڪ معاملو آهي جنهن جو مونکي پنهنجي اُمت جي متعلق خوف آهي. حضرت شداد رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: مون پڇيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهو معاملو ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: شرڪ ۽ خُفيہ خواهش. مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا اوهان جي امت شرڪ ۾ مبتلا ٿي ويندي؟ ان تي فرمايائون: اي شداد! منهنجي اُمت سج، چنڊ ۽ پٿرن جي پوڄا نہ ڪندي پر منهنجي امت پنهنجي اعمال ۾ ڏيکاءُ ڪرڻ لڳندي. مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا رياڪاري شرڪ آهي؟ فرمايائون: ها (رياڪاري شرڪِ اصغر آهي). مون عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! خفيہ خواهش ڇا آهي؟ فرمايائون: هي تہ منهنجو ڪو امتي روزو رکي پر ڪنهن دنياوي خواهش جي ڪري روزو ٽوڙي ڇڏي.[1]

هڪ حديثِ پاڪ ۾ آهي: پياري آقاؐ مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مون کي توهان جي متعلق سڀ کان وڌيڪ شرڪِ اصغر جو خوف آهي. عرض ڪيو ويو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! شرڪِ اصغر ڇا آهي؟ فرمايائون: رياڪاري. پوءِ فرمايائون: قيامت جي ڏينهن جڏهن ماڻهن کي انهن جي اعمال جو بدلو ڏنو ويندو تہ رياڪارن کي چيو ويندو: انهن ڏانهن ئي وڃو جن کي دنيا ۾ پنهنجا اعمال ڏيکاريندا هئا.[2]

دے حُسنِ اخلاق کی دولت | کر دے عطا اِخلاص کی نعمت
مجھ کو خزانہ دے تقویٰ کا | یااللہ! مری جھولی بھر دے (3)

---

[1] ...مستدرک، کتاب:الرقاق، جلد:5، صفحہ:470، حدیث:8010۔

[2] ...مسند احمد، جلد:9، صفحہ:591، حدیث:24273۔

[3] ...وسائلِ بخشش، صفحہ:123۔

# (6): مواد شيئر ڪرڻ ۾ احتياط ڪيو!

سوشل ميڊيا جي استعمال جي ڇهين احتياط هيءَ آهي تہ سوشل ميڊيا تي مواد شيئر ڪرڻ ۾ تمام گھڻو احتياط سان ڪم وٺو! ۞ ڪيئي هترادو ڳالهيون سوشل ميڊيا تي هلي رهيون هونديون آهن، انهن کي اڳتي نہ وڌايو! ۞ هر اها ڳالھ جيڪا فتني جو سبب بڻجندي هجي ۞جيڪا ماڻهن کي نيڪي کان پري ڪندي هجي جنهن سبب مسلمانن ۾ نفرت وڌندي هجي ۞ جيڪا ڪنهن جي دل آزاري جو سبب بڻجندي هجي ۞ جن ڳالهين سان اسلام ۽ سنيت کي نقصان پهچندو هجي، اهڙيو ڳالهيون نہ پاڻ پڙهو! نہ ڏسو! نہ ئي اهڙن ڳالهين کي اڳتي وڌايو!

هڪ ٻي اهم ڳالھ ۞ قرآن ڪريم جي آيت هجي ۞ حديثِ پاڪ هجي۞ يا ڪو شرعي مسئلو هجي، جيستائين ڪنهن مُستند عاشقِ رسول عالمِ دين کان تصديق نہ ڪرائي وٺو، ان وقت تائين اڳتي هرگز نہ وڌايو! هن ۾ سخت خطرو آهي. الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا

ترجمو ڪنزُالعرفان: ۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جيڪو الله تي ڪوڙ هڻي.

(سيپارو: 7، سورة انعام: 21)

معلوم ٿيو: الله پاڪ تي ڪوڙ هڻڻ وارو سڀني کان وڏو ظالم آهي، مثال طور اسان ڪا عربي عبارت آيت چئي ڪري اڳتي وڌائي پر اها حقيقت ۾ آيت نہ هئي تہ هي الله پاڪ تي ڪوڙ ٿي ويندو، ائين ئي اسان ڪنهن ڳالھ کي حديث چئي ڪري اڳتي وڌايو پر حقيقت ۾ اها حديث نہ هئي تہ هي رسولِ پاڪ

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪوڙ ٽي ويندو. ۽ جيڪو الله ۽ رسول تي ڪوڙ هڻندو آهي، اهو سڀ کان وڏو ظالم آهي. تنهنڪري قرآني آيتون ۽ حديثون سوشل ميڊيا تي شيئر ڪرڻ ۾ 100 فيصد احتياط ڪرڻ نهايت ضروري آهي.

جنهن فيس بُڪ تي، يوٽيوب تي، انسٽاگرام يا واٽس ايپ (***WhatsApp***) وغيره تي غلط مسئلو پوسٽ ڪري ڇڏيو هجي ته ان کي گهرجي ته فوراً ان جو ازالو ڪري، مثال طور ڪا اهڙي تحرير لکي ته فلاڻي ڏينهن فلاڻي پوسٽ ڪئي هئي، ان ۾ هيءَ ڳالهه غلط هئي، صحيح هي آهي، تنهنڪري مان پنهنجي غلطي کان توبهه ۽ رجوع ڪيان ٿو.

الله پاڪ اسان کي سوشل ميڊيا جي تباهه ڪارين کان محفوظ فرمائي ۽ ان جي سهولت جو صرف ۽ صرف درست ۽ نيڪ استعمال ئي ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دعوتِ اسلامي ۾ جديد ٽيڪنالاجي جو مثبت استعمال

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان ڏٺو ته جتي سوشل ميڊيا جي غلط استعمال نقصان جا نقصان آهن، اتي ئي ان جو صحيح استعمال نيڪين جي حصول جو ذريعو به آهي. الحمدلله! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ، دعوتِ اسلامي 80 کان وڌيڪ شعبن جي ذريعي دينِ متين جي خدمت ۾ مشغول آهي. ۞انهن شعبن مان هڪ سوشل ميڊيا ڊپارٽمنٽ به آهي، جيڪو مختلف پليٽ فارمز مثلاً، ۞يوٽيوب، ۞فيس بڪ، ۞انسٽاگرام وغيره ذريعي عاشقانِ رسول کي ۞ الله پاڪ ۽ ان جي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جي حڪمن جو پابند بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. ۞ ان سان گڏوگڏ صحابه ڪرام ۽ اهلِ بيت اطهار

۞ بڻائڻ، ولين جو باادب اللہ پاڪ جي ۞ پيئارڻ، جي محبت جا جام رَضِیَ اللہُ عَنۡھُم سچا اسلامي عقيدا سيکارڻ ۞ صحيح ديني معلومات فراهم ڪرڻ جو شرف حاصل ڪري رهي آهي.

دعوتِ اسلامي جي مختلف سوشل ميڊيا اڪائونٽس تي تقريباً 641 ملين (64 ڪروڙ 10 لک) فالورز آهن، جڏهن ته ويڊيوز جا ويوز جي تعداد بلينز (اربين) ۾ آهن، 100 ڪروڙ کان به وڌيڪ آهي. ۞ ان کان علاوه، دعوتِ اسلامي جو هڪ شعبو آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ به آهي، جنهن جي ذريعي ۞ هاڻي تائين 40 ويب سائيٽون ۞ 32 موبائل ايپلي ڪيشنون جاري ٿي چڪيون آهن. انهن ايپلي ڪيشنن مان هڪ "دعوتِ اسلامي ڊجيٽل سروسز" به آهي، جنهن جي ذريعي اوهان دعوتِ اسلامي جا سڀئي سوشل ميڊيا پليٽ فارمز ۽ ويب سائيٽس آساني سان استعمال ڪري سگهو ٿا.

انهن سڀني ۽ ٻين ديني ۽ فلاحي ڪمن کي جاري رکڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جا اربين روپين جا خرچ آهن. انهن خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ، اِنۡ شَآءَ اللہُ الۡکَرِیۡم!، 3 نومبر تي دعوتِ اسلامي ٽيلي ٿون منعقد ڪري رهي آهي، جنهن جو هڪ يونٽ 10 هزار پاڪستاني روپين جو آهي. اوهان به خدمتِ دين جي هن ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪيو! ٽيلي ٿون جي ذريعي پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيو. اوهان جو چندو ڪنهن به جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني ۽ ڀلائي وارن ڪمن ۾ لڳايو ويندو ته جيئن وڌندڙ خرچن کي پورو ڪري سگهجي.

دعوتِ اسلامی کی قَیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یااللہ! مری جھولی بھر دے آپ

اللہ پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# ٽيلي ٿون (عطيات مهم) جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدلله! دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ واري ديني تحريڪ آهي. ۞ هينئر تائين سوين مسجدون ناهي چڪي آهي ۞ ٻارن ۽ ٻارڙين (Boys & Girls) کي الڳ الڳ قرآن جي تعليم ڏيڻ لاءِ هاڻي تائين سڄي دنيا ۾ 15 هزار کان وڌيڪ مدرسة المدينہ قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ 4 لک کان وڌيڪ ٻار ۽ ٻارڙيون مفت تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ۞ لڳ ڀڳ 1500 جامعة المدينہ (Boys & Girls) قائم ٿي چڪا آهن، جن ۾ تقريباً 1 لک 23 هزار شاگرد ۽ شاگرد ياڻيون مفت علمِ دين حاصل ڪري رهيا آهن ۞ شرعي رهنمائي لاءِ تقريباً 21 دارُ الافتاء اهلِ سنّت قائم ٿي چڪا آهن، ۞ علمي تحقيقي شعبو المدينة العلميہ (Islamic Research Center) جي طرفان مختلف موضوعن تي 1784 ڪتابن ۽ رسالن تي ڪم ٿي چڪو آهي ۞ سٽيلائيٽ تي اردو، انگلش ۽ بنگالي 3 ٻولين ۾ مدني چينل هلي رهيو آهي.

دعوتِ اسلامي جي سيني ديني ڪمن جي اخراجات کي پورو ڪرڻ لاءِ، اِن اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!، 3 نومبر تي ٽيلي ٿون منعقد ٿي رهيو آهي، جنهن جو هڪ يونٽ 10 هزار پاڪستاني روپين جو آهي. پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيو، توهان جي چندي (ڊونيشن) کي ڪنهن بہ جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ وارن جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ لڳايو ويندو، تہ جيئن وڌندڙ خرچن کي پورو ڪري سگهجي.

دعوتِ اسلامی کی قَیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم
اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یاالله! مری جھولی بھر دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# دعاءِ عطّار

جيڪو ٽيلي ٿون ۾ حصو شامل ڪري، شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دامت برڪاتهم العاليہ ان کي دعائن سان بہ نوازيو آهي. پاڻ دعا فرمائي:

يا رَبّ مصطفیٰ! 3 نومبر 2024 تي جيڪو دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن لاءِ فنڊ گڏ ڪرڻ لاءِ ٽيلي ٿون جو سلسلو تي رهيو آهي، ياالله! انهن ۾ يا هاڻي کان جيڪو ڪو حصو ملائي، گهٽ ۾ گهٽ 1 يونٽ جمع ڪرائي، يا ڪنهن کي ان جي ترغيب ڏي، يا ان لاءِ ڀڄ ڊوڙ ڪري.

اي الله پاڪ! ان کي ايستائين موت نہ ڏي، جيستائين تنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم جو خواب ۾ جلوو نہ ڏسي وٺي، ۽ ان کي ماءُ پيءُ سميت بغير حساب مغفرت سان مشرف فرماءِ.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: علاقائي دورو

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ نمازي بڻجڻ، گناهن کان بچڻ، صحيح اسلامي عقائد سکڻ، سنتن جو پابند بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ بہ خوب جوش ۽ جذبي سان حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بي شمار برڪتون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن ۾ هڪ ديني ڪم علاقائي دورو پڻ آهي.

حديث جو خلاصو آهي: جيڪي قدم راهِ خُدا ۾ خاڪ آلود ٿين، انهن کي

جهنّم جي باهہ نہ ڇُهندي.[1] نيڪي جي دعوت ڏيڻ، بُرائي کان منع ڪرڻ جي لاءِ گهران نڪرڻ بہ راهِ خُدا ۾ نڪرڻ آهي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ بازارن ۾ تشريف کڻي ويندا هئا مختلف قبيلن ۾ وڃي ڪري نيڪي جي دعوت ڏيندا هئا.

دعوتِ اسلامي وارا عاشقانِ رسول بہ هن پياري ادا کي ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن گهر گهر، دڪان دڪان وڃي ڪري نيڪي جي دعوت پيش ڪئي ويندي آهي ماڻهن کي مسجد ۾ اچڻ جي دعوت ڏني ويندي آهي نمازن جي ترغيب ڏياري ويندي آهي اسان ان کي علاقائي دورو چوندا آهيون.

اوهان کي علاقائي دوره ۾ عملي طور تي شامل ٿيڻ جي التجا آهي ان جون ڪوڙ برڪتون نصيب ٿينديون. اچو! اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو.

## شرابي مدني قافلي جو مسافر بڻجي ويو

پيارا اسلامي ڀائرو! عاشقانِ رسول جو هڪ مدني قافلو ڪَپَڙوَڃ (گجرات، هند) پهتو، قافلي جا اسلامي ڀائرَ علاقائي دورو ڪرڻ جي لاءِ مسجد کان ٻاهر تشريف وٺي ويا، علاقائي دوري جي دوران هڪ شرابي کي نيڪي جي دعوت ڏني، الحمد لله! اهو شرابي مدني قافلي وارن سان مسجد جي طرف هليو، اسلامي ڀائرَ ان سان ادب ۽ اخلاق سان پيش آيا جو اهو 6 ڏينهن تائين مدني قافلي وارن سان گڏ رهيو، علاقائي دوري جي برڪت ۽ عاشقانِ رسول جي صحبت جي سبب ان گناهن کان توبهہ ڪئي، ڏاڙهي مبارڪ رکي، عمامي

---

[1]... مسند امام احمد،جلد:6، صفحہ:507، حديث:16356۔

شريف جو تاج بہ مٿي سجائي ورتائين، ائين هڪ شرابي علائقائي دوري جي برڪت سان نيڪ نمازي بڻجي ويو.

گر آئے شرابی مٹے ہر خرابی
چڑھائے گا ایسا نشہ دینی ماحول
یقینا مقدر کا وہ ہے سکندر
جسے خیر سے مل گیا دینی ماحول

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# ڪجھ ضروري اعلانات

هر هفتي اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ ڇنڇر تي بہ رات جي وقت مدني چينل تي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هفيوار مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جوابَ بہ عنايت فرمائيندا. تمام ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ هن جي دعوت ڏين شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهن جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو ”ڪاڏي جون 92 سنتون ۽ آداب“ جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا مثال طور واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب جي لاءِ ٻين کي بہ شئير (*Share*) ڪيو! دعوتِ اسلامي جي علمي ۽ تحقيقي شعبي المدينۃ العلميہ اُمَّهَاتُ الْمُؤْمِنِيْن رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُنَّ جا فضائل، سندن سيرت مبارڪ ۽ سندن ديني خدمتن جي تذڪري تي مشتمل ڪتاب

فَيْضَانِ اُمَّهَاتُ المُؤمِنِيْن لکڻ جو شرف حاصل ڪيو آهي، اوهان هن ڪتابَ ڪي 450 رپين ۾ قيمت ڏئي ڪري مکتبۃُ المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان طلب ڪيو، هن ڪتابَ ڪي پاڻ بہ پڙهو! ۽ ٻين ڪي بہ هن جي ترغيب ڏياريو! غوثِ پاڪ رحمۃُ اللہِ عَلَیہ جي وڏي يارهين شريف جي پياري موقعي تي مجلس تقسيمِ رسائل پيش ڪري رهي آهي فيضانِ غوثيہ پيڪج، هي پيڪج مکتبۃُ المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 200 رپين ۾ قيمت ڏئي طلب فرمايو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان ڪي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّی اللہُ عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحبَّت ڪئي ان مون سان مَحبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## واعدي جي پابندي سنت آهي

2 فرامينِ مصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: (1): جيڪو واعدو پورو ناهي ڪندو، ان جو ڪو ايمان ناهي.[2] (2): جيڪو مُسلمان پنهنجي ڀاءُ سان واعده خلافي ڪري ان تي الله پاڪ ۽ ملائڪن ۽ تمام انسانن جي لعنت آهي.[3]

[1]...تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

[2]...مصنف اِبْنِ اَبِي شيبه، کتاب الايمان، جلد:7صفحہ:223۔

[3]... بخاری، کتاب الجِزْیہ، باب اثم من عاهد ثم غدر، صفحہ:815، حديث:3179۔

اي عاشقانِ رسول! واعدو پورو ڪرڻ سنّتِ مُصطفٰي بلڪ سنّتِ انبياء آهي اسان جا آقا واعدي جا تمام پڪا هئا ۽ واعدو ٽوڙڻ کي نهايت ناپسند فرمائيندا هئا اعلانِ نبوت کان پهريان هڪ پيري هڪ شخص پاڻ کي عرض ڪيو: اوهان ترسو! مان جلدي اچان ٿو، اهو شخص هليو ويو پر واپس موٽڻ ڀُلجي ويو، 3 ڏينهن کان بعد ان کي وري ياد آيو، جڏهن اهو ان جڳهه تي پهتو ته هي ڏسي ڪري حيران رهجي ويو ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ 3 ڏينهن گذرڻ جي باوجود اتي ئي تشريف فرما هئا ۽ مَاشَآءَ الله! شفقت ۽ رحمت ۽ حُسنِ اخلاق ڏسو! پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي دڙڪا نه ڏنا، ڪاوڙ نه ڪيائون، بَس اوترو فرمايائون: اي شخص! تو مونکي مُشقت ۾ وجهي ڇڏيو.[1] الله اسان کي به نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سُنّت تي عمل ڪندي وعدو پورو ڪرڻ وارو بڻائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينه جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

سنتیں سیکھنے تین دِن کے لئے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[1]...اَبُو داؤد، کتاب ادب، باب فی العدة، صفحہ:781، حدیث:4996۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہ عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

1 افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2 افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم ڪي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

1... القول البديع، الباب الثانی، ص277
2... افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149
3... القول البديع، الباب الاول، ص3125

## ﴿6﴾ دُرُود شفاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَی اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [2]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

2... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

3... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455